ڊاڪٽر احسان دانش

# سنڌي سماج ۾ شاهه جي ڪلام بابت فڪري ۽ نظرياتي تضاد

**Abstract:**

**Conceptual and Theoretical Controversies about Shah Latif's Poetry in Sindhi Society**

*There are a number of reasons to believe that Sindhi society treats Shah Latif as a great poet. Those reasons, however, vary with scholars of different schools of thought. Through this paper, an attempt has been made to throw light on those conceptual and theoretical controversies which have confined the thought and philosophy of the great poet.*

*In this article I have tried to elaborate the fact that so far many poets and writers have tried to make us follow their theories. In order to make a true study of Shah Latif's poetry we must put aside our theoretical prejudices. For over a long period of time, great injustice has been caused to Shah Latif whereby instead of highlighting his comprehensive universal thought he has been projected as a poet with a limited vision and 'only' a regional genius. Unless his thought is emancipated from this confinement, his universal status will not be understood. In this article I have tried to present a forceful analysis of the conceptual and theoretical controversies in Sindh about Shah Latif's poetry.*

**ان** ۾ ڪو شڪ ناهي تہ، شاهہ لطيف سنڌي سماج جو هڪ غير معمولي انسان ۽ اعليٰ درجي جو شاعر آهي. جيڪڏهن شاعريءَ جي حسن ۽ جولان، فن ۽ نزاڪت سان ڪو شاعر پاڻ کي جوڙي روح جي گهراين سان ڪو لفظ چوي ٿو تہ، اهو يقيناً امرتا ماڻي ٿو. حقيقت ۾ عظيم خيالن ۽ انوکن جذبن جي مٿيءَ مان ڳوهيل شاعري، ڪنهن شاعر کي عظمت جي بلندين تي پهچائي سگهي ٿي. هن مقالي ۾ سنڌي سماج کي سامهون رکندي، شاهہ لطيف جي شاعريءَ جي عظمتن ۽ رفعتن بابت ڪجھ نڪتا پيش ڪيا ويا آهن. پر، شاهہ لطيف جي شاعريءَ جي اهميت توڙي عظمت سندس ڪلام بابت مختلف پارکوئن ۽ ماهرن جي فڪري ۽ نظرياتي تضادن تي روشني وجهڻ کان اڳ ڏسڻو





پوندو تہ، ڀٽائيءَ جي جنهن سماج ۾ اوسر ٿي آهي ۽ هن جنهن ڌرتيءَ ۽ مٽيءَ مان جنم ورتو آهي، ان مٽيءَ جي وارثن، سماج ۽ ڌرتيءَ ڌڻين وٽ، ڀٽائيءَ جو ڪهڙو مقام آهي؟

ان ڳالهہ ۾ تہ ڪو شڪ ناهي تہ، سنڌ جو هر ماڻهو، شاهہ کي پنهنجي پنهنجي انداز سان، محبت ۽ عقيدت جا گل آڇي ٿو، پر تجزيو ڪبو تہ، سنڌي سماج ۾ شاهہ لطيف سان محبت ۽ احترام جا ٽي حوالا آهن. پهريون تہ 'شاهہ هڪ سيد آهي'، ٻيو تہ 'شاهہ هڪ صوفي آهي' ۽ ٽيون تہ 'شاهہ هڪ شاعر آهي'. شاهہ لطيف جي انهن ٽنهي حوالن کي مختلف سطحن تي، مختلف طبقن مطابق پرکي سگهجي ٿو. هڪڙا، جيڪي شاهہ کي سيد سمجهي، سندس درگاهہ جي چانئٺ چمن ٿا ۽ باسون باسن ٿا، انهن لاءِ شاهہ هڪ عظيم ولي آهي. ٻيا، جيڪي شاهہ کي صوفي سمجهي، سندس روحاني رمزن ۽ راڳ مان لطف وٺن ٿا، انهن لاءِ شاهہ هڪ عظيم صوفي ۽ راڳ ويراڳ جو چاهيندڙ آهي ۽ ٽيان اُهي جيڪي سندس شاعري ۾ سمايل ۽ فڪر جي روشنيءَ منجهان پنهنجي دماغ کي روشن ڪن ٿا، انهن لاءِ شاهہ هڪ وڏو شاعر آهي. سنڌي سماج ۾ موجود پهريان ٻہ طبقا، ڀٽائيءَ سان عقيدت ۽ محبت جو جيڪو اظهار ڪن ٿا، اهو مقامي ۽ روايتي آهي. جڏهن تہ ٽيون طبقو انهن ماڻهن جو آهي، جيڪي شاهہ لطيف کي هڪ اعليٰ درجي جو شاعر سمجهن ٿا، پر ان طبقي وري شاهہ کي ايترن تہ فڪري ۽ نظرياتي خانن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي، جو ڀٽائيءَ جي فڪر کي سمجهڻ جا خواهشمند، سندن تشريحون پڙهي عجيب مونجهارن جو شڪار ٿي پيا آهن. پر وري بہ ان ٽئي طبقي مان ڪي ماڻهو، ڀٽائيءَ جي شاعريءَ کي آفاقي سڏي، ڀٽائيءَ جي فڪر کي عالمگير شاعراڻي فڪر سان هم آهنگ سمجهن ٿا.

اها حقيقت چٽي ڏينهن جيان پڌري آهي تہ، شاهہ لطيف هڪ بلند پايہ شاعر آهي. هڪ بلند پايہ شاعر جو ڪلام نہ صرف حياتيءَ جو اولڙو هوندو آهي، بلڪ سونهو پڻ. يا ڪارلائل جي لفظن ۾ ايئن چئجي تہ: "درحقيقت ڪنهن قوم لاءِ اها وڏي ڳالهہ آهي تہ، ان کي هڪ زبان ملي وڃي، يعني ان ۾ هڪ اهڙو ماڻهو پيدا ٿئي، جيڪو موسيقيت سان گڏ اهي سموريون ڳالهيون بيان ڪندو هجي، جن کي ان قوم جي دل چاهيندي هجي."(۱) ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ، شاهہ لطيف سنڌي سماج ۾ پيدا ٿيل سنڌي قوم جو هڪ اهڙو ئي شاعر آهي، جيڪو صدين گذري وڃڻ بعد بہ هر سنڌيءَ جي دل ۾ ڌڙڪي رهيو آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سنڌي سماج ۾ شاهہ لطيف جي عظمت جا انيڪ دليل ملندا، پر اهي دليل مختلف فڪري ۽ نظرياتي ڌارائن سان تعلق رکندڙ عالمن وٽ جدا جدا آهن. تنهن ڪري هتي شاهہ جي ڪلام بابت انهن فڪري ۽ نظرياتي تضادن تي روشني وجهڻ اڻ ٽر آهي، جن جي ڪري هر ڪو پنهنجي پنهنجي ننڍڙي دنيا ٺاهي شاهہ جي فڪر ۽ فلسفي کي محدود ڪري ڇڏيو آهي. ان سلسلي ۾ سڀ کان پهرين سنڌي قوم ۽ سماج جو مجموعي طور فڪري ۽ نفسياتي اڀياس ڪرڻ ضروري آهي، جنهن کي مختصر طور هن طرح بيان ڪري سگهجي ٿو تہ ’فڪري ۽ نظرياتي طور سنڌي سماج ۾ رهندڙ الڳ الڳ ماڻهن، شاهہ کي ان حد تائين ورهائي ڇڏيو آهي جو، ڪٿي شاهہ ڪنڌا ۽ ڪولابا پائي نچندي نظر اچي، تہ ڪٿي سورهہ ۽ سرويچ بڻجي، ميدانِ جنگ ۾ شمشير جا جوهر ڏيکاريندي پيو وسهي، ڪٿي گودڙي پوش لاهوتي ٿو لڳي، تہ ڪٿي وري اسلام جو مبلغ.‘ مطلب تہ سنڌ اندر شاهہ جو فڪر عجيب ويسن ۽ ورنن ۾ نظر ايندو، پر اهو بہ سچ آهي تہ، انهن رنگ برنگي ويسن ۾ ڪٿي ارادي سان تہ ڪٿي غيرارادي طور سنڌي سماج ۾ شاهہ جي اصل شخصيت کي ڍڪيو ويو آهي.

مقامي طور، ڀٽائيءَ جي فن جِي بہ جن معيارن تي پرک ٿي آهي، سا پڻ اڌوري ۽ اڻپوري آهي. ٻي پاسي هر مکتبهءِ فڪر جو ماڻهو شاهہ لطيف کي عظمتن جي بلندين تي ٻيهاري ڇڏي ٿو. ان لاءِ پليِ هنن وٽ سندس شاعريءَ جا ڪي فني ۽ فڪري حوالن سان پختا دليل نہ بہ هجن، پر شاهہ لطيف کي ڌرتيءَ جو شاعر هجڻ ناتي عظمتن جي معراج تي ٻيهارڻ هر ڪنهن پنهنجي لاءِ فرض ڄاتو آهي. پر شاهہ لطيف جي عظمتن جي پرک رڳو محبتن ۽ عقيدتن جي بنياد تي نہ ٿي ڪري سگهجي، ڇوتہ ان لاءِ ڪي اهڙا ماڻ ۽ ماپا گهربل آهن، جيڪي رڳو سنڌي سماج ۾ رهندڙ ماڻهن لاءِ ئي قابلِ قبول نہ هجن، پر سڄي دنيا انهن کي قبول ڪندي هجي. ان حوالي سان ڊاڪٽر ايڇ. ٽي سورلي، علامہ آءِ آءَ قاضي، ايلسا قاضي، ائنميري شمل، ڊاڪٽر تنوير عباسي، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو ۽ ٻيا بہ ڪيترائي عالم جس لهڻن، جن ڀٽائيءَ کي عالمي ادبي معيارن ۽ قدرن جي بنياد تي پرکي عظمتن جي بلندين تي ٻيهاريو آهي.

هن وقت تائين شاهہ لطيف جي شاعري ۽ فڪر تي جن بہ ڏيهي ۽ پرڏيهي عالمن لکيو آهي، ان کي مختلف ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. محمد حسين ڪاشف موجوده دؤر تائين، ڀٽائيءَ تي ٿيل تحقيق کي هيٺين ٽن حصن ۾ ورهايو آهي.





١. عالمن اديبن جو اهو حلقو، جن شاهہ جي شعر ۽ فڪر کي نج تصوف جو غواص ڄاڻايو آهي، جيڪو حقيقت ۽ مجاز، ظاهر ۽ باطن تي مدار رکي ٿو، جنهن جو بنياد داخلي فلسفي تي آهي يا ايئن چئجي تہ اهو افلاطوني يا نوفلاطوني فلسفي جي شرح ڪندڙ آهي.

٢. عالمن ۽ اديبن جو اهو گروهہ، جيڪو لطيف کي تاريخ ۽ تاريخي حالتن جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ جو قائل آهي ۽ سندن فڪر ۽ شعر جو بنياد تجربي ۽ مشاهدي تي رکي ٿو ۽ سندن شعر ۾ تاريخي حقيقت ۽ حالتن کي وڏي اهميت ڏئي ٿو ۽ سندن فلسفہ شاعريءَ جي توجيهہ ترقي پسندانہ فلسفي جي روشنيءَ ۾ ڪري ٿو.

٣. عالمن ۽ اديبن جي ٽئين جماعت اُها آهي، جيڪا اهو خيال ڪري ٿي تہ لطيف وٽ زندگيءَ جي ڪنهن بہ فلسفي جو وجود ڪونہ آهي، وٽن صرف هڪ ڳالهہ آهي، جنهن جو تعلق ولايت ۽ روحانيت سان آهي، جنهن لاءِ زندگيءَ جي خارجي اثرات جي ڪا ضرورت نہ آهي. پاڻ جيڪي بہ اصطلاح يا ڪنايہ، نالا ۽ نشان، وٿون ۽ وسون بيان ڪيون اٿن، انهن جي حيثيت استعاري جي آهي، اصل ۾ پاڻ انهن جي اوٽ ورتي اٿن. جنهن جو سماج يا ان جي ماڻهوءَ سان، ان جي حالات ۽ حاصلات سان ڪوبہ تعلق نہ آهي.(٢)

مٿين ٽن نڪتن جي حوالي سان هن وقت تائين انيڪ محققن ۽ عالمن، ڀٽائيءَ جي شاعريءَ مان حوالا ڏئي پنهنجي پنهنجي مقصد جي پورائي لاءِ ڪيئي ڪتاب لکيا آهن. مٿين ٽنهي نڪتن جي اجا ڪجهہ آساني سان وضاحت هن طرح ٿي سگهي ٿي تہ ’موجوده دؤر تائين سنڌي سماج ۾، ڀٽائيءَ جي مختلف نظريءِ فڪر رکندڙ ماڻهن لاءِ حيثيت مختلف رهي آهي. ڪي لطيف کي دل، ڌرتيءَ ۽ سماج جو شاعر سمجهن ٿا، تہ ڪي صوفي باصفا، ڪي مزاحمتي ۽ انقلابي، تہ ڪي روحاني رمزون سيکاريندڙ، ڪي قومي ۽ قوم پرست، تہ ڪي وحدت الوجود جو پرچارڪ، ڪي سيڪيولرازم جو پيامبر، تہ ڪي سماجي رهنما، ڪي فطرت سان پيار ڪندڙ، تہ ڪي مذهب کي محبوب سمجهندڙ، ڪي ثقافتي قدرن جو پاسدار، تہ ڪي قرآن جو مبلغ، ڪي ترقي پسند تہ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

کي ديندار. سنڌي سماج ۾ شاهه لطيف کي ايڏن حصن ۾ تقسيم ڪندي ڪوبه ايئن چوڻ لاءِ تيار نه آهي ته، ڀٽائي هر رنگ ۽ هر فڪر جو شاعر آهي.' هيٺ شاهه سائين بابت سنڌ جي ڪجهه اهڙن ليکڪن جا رايا شامل ڪجن ٿا، جيڪي پنهنجي پنهنجي فڪري ۽ نظرياتي دائرن ۾ رهندي، ڀٽائيءَ کي پڙهندڙن اڳيان پيش ڪن ٿا.

ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته: "درويش شاعرن جي صوفياڻي شعر جي باري ۾ اسين اڪثر چوندا آهيون، ته هڪ آهي ان جي ظاهري معنيٰ ۽ ٻي آهي ان جي اندروني يا حقيقي معنيٰ. مگر اهي سالڪ، جي هن وکر جا وينجهار آهن، تن جو چوڻ آهي ته، ظاهري معنيٰ کان سواءِ جا ٻي معنيٰ آهي تنهن جا به ٻه قسم آهن: هڪ صفاتي معنيٰ ۽ ٻي ذاتي يا حقيقي معنيٰ. صفاتي معنيٰ اها آهي جا ڪنهن ڳالهه يا مثال تي مبني هجي. اهڙي معنيٰ کي علمي اصطلاح ۾ 'تمثيلي' معنيٰ سڏجي ٿو. ذاتي يا حقيقي معنيٰ اها آهي جا صرف طالب ۽ حقيقي مطلوب، بنده ۽ خدا جي ذات پاڪ يا درويش شاعر ۽ سندس موليٰ سان محبت واري مامر تي مبني هجي. انهي لحاظ کان ذاتي يا حقيقي معنيٰ هڪ راز آهي، جنهن کي طالب شاعر پاڻ ڄاڻي ٿو."[٣] اسان جي ڪيترن ئي عالمن شاهه جي شاعريءَ جي انهي راز يا حقيقت جي پرک ۽ پروڙ پنهنجي پنهنجي انداز سان ڪئي آهي.

لطيف جي ڪيترن ئي شارحن ۽ پارکن، ڀٽائيءَ جي شعر جي باطني معنيٰ مان ڪيئي روحاني راز ڪڍي نروار ڪيا آهن. علامه دائودپوٽو، ڀٽائيءَ کي تصوف ۽ روحانيت جو درياهه ڄاڻائي ٿو. هن لکيو آهي ته: "روحاني يا صوفياڻا رمزون ته سڄي ڪلام جي رڳ ۽ ريش ۾ سمايل آهن. هر هڪ بيت ۾ ڪو نه ڪو اونهو اسرار رکيل آهي، جنهن کي رند پروڙي سگهندا. تصوف شاهه جي ڪلام ۾ ايئن آهي، جيئن 'سُرندڙي ۾ وچون سگهو.' هتان هتان تصوف جو درياهه پلٽيو پاريون پيو ڪري."[٤] اڳتي هلي دائود پوٽو صاحب شاهه جي رومانوي داستانن جي حقيقت بيان ڪندي لکي ٿو ته: "حقيقت ۾ (اُهي) هڪ ڪانگڙهه وانگر آهن، جنهن تي شاهه پنهنجي روحاني ڪلام جي ماڙي اڏي آهي. ڪهاڻيءَ سان سندس سروڪار ڪونهي ۽ هڪ مرڪزي خيال هٿ ڪري، وينو منجهانئس روحاني راز پلٽي."[٥] ڪلياڻ آڏواڻي شاهه جي صوفي فڪر تي روشني وجهندي لکيو آهي ته: "اها صوفياڻي پَرِ ناهي، جنهن ڏانهن شاهه صاحب اشارا نه ڪيا آهن: اهو صوفي طريقو ناهي، جنهن جو هن صاحب اپياس نه ڪيو





آهي. سندس رسالي ۾ صوفين جي جدا جدا منزلن يعني شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت ۽ صوفياڻن اصولن جهڙوڪ ذڪر ۽ فڪر، قضا ۽ رضا، توڪل ۽ تسليم، تجلي ۽ استتار وغيره ڏانهن به اشارا موجود آهن."[٦] اِي ڪي بروهي به شاهه جي ڪلام کي روحاني رمزيت جو جامو پهرائي ٿو. هن لکيو آهي ته: "سندن (شاهه جي) شاعري رمزيت جي معاملي ۾ نهايت اهم حيثيت ۾ تمثيلي آهي، تصوف جي زبان ۾ سندن شاعريءَ کي عارفاڻو ڪلام چئي سگهجي ٿو. مطلب اهو ته اهي شعر طالبِ علم کي روحاني علم يا معرفت بخشي سگهن ٿا."[٧] ڊاڪٽر بلوچ به اهڙي ئي ڳالهه لکي آهي ته: "ڀٽائي صاحب پنهنجي صوفياڻي خيال، فڪر ۽ فلسفي کي، شعر جي نازڪ ڌوريءَ سان سنڌ جي قديم قصن ۽ ڪهنين ڪهاڻين جي تاڃي پيٽي ۾ اُڻيو آهي."[٨] هڪ پاسي شاهه لطيف جي صوفي فڪر ۽ اسلامي تصوف جي ڳالهه آهي ته، ٻي پاسي سندس ڪلام مان ويدانيت جا نڪتا ڳولهيا ويا آهن. پروفيسر موهن لعل پريمي لکيو آهي ته: "شاهه سائين ڏٺو ته ويدانيت ۽ اسلامي تصوف گڏ گڏ هلندا ٿا اچن، پر ڪڏهن به ڪنهن، ڪنهن جي دل آزاري نه ڪئي آهي، ان ڪري شاهه سائين پنهنجي ڪلام ذريعي ٻڌايو آهي ته: ويدانيت ۽ تصوف ٻنهي جو مقصد ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ۽ محبت جي گلن جي ورڪا ڪرڻ آهي."[٩]

مٿي پيش ڪيل رايا، سنڌ جي انهن عالمن جا آهن، جن جي علمي لياقت ۽ قابليت جو جي هر ڪنهن کي خبر آهي. شاهه جي شرح جي معاملي ۾ سندن ويچار بيشڪ اهميت رکن ٿا، پر اصل ۾ جيسيتائين تصوف جي اصل روح کي نه سمجهبو تيسيتائين موجوده روشن خيال سنڌي سماج، نئين دنيا يا ڪمپيوٽر ايج جي ماڻهوءَ کي سندن خيال هڪ رخا معلوم ٿيندا. اسان جا ڪي اديب ۽ محقق تصوف کي زندگيءَ کان ڌار سمجهن ٿا ۽ ڀٽائيءَ کي گوشانشين ٻڌائي پنهنجي سماج کان ڪٽڻ جي به ڪوشش ڪن ٿا. انهيءَ حوالي سان شيخ عبدالحليم جي هيءَ ڳالهه ڌيان ڇڪائيندڙ آهي ته: "اسان جا ڪيترا ئي اديب، شاهه ڀٽائيءَ کي تصوف جي مسند تي ويهاري سندن ڪلام ۾ ذڪر ۽ فڪر جا نڪتا پيا ڳولهيندا آهن. شايد اهي ايئن ٿا سمجهن ته تصوف، عملي زندگيءَ کي ترڪ ڪرڻ جو ٻيو نالو آهي. صوفيءَ کي غلط فهميءَ وچان اهڙو شخص ليکيو ٿو وڃي جيڪو دنيا کي تياڳي، لوڪان لڪي، مٿو مونن ۾ وجهي، الله جي ذڪر ۽ فڪر ۾ پاڻ کي به وساري وينو هجي...... شاهه ڀٽائيءَ جي نظر ۾ صوفي جو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪردار، پنهنجي اصلاحي شعور جي لحاظ کان صحتمند سماجي نظام کي قائم ڪرڻ لاءِ سونهين جي حيثيت رکي ٿو. شاهه ڀٽائيءَ جي نظر ۾ صوفي هڪ اهڙو صاحبِ نظر آهي، جو نه رڳو سچائيءَ جي ڄاڻ رکي ٿو، پر سچائيءَ جي لافاني لاٽ سان اجتماعي زندگي جي واٽ کي جرڪائڻ گهري ٿو.“[10] اهو ئي سبب آهي جو شيخ اياز چيو ته: ”شاهه لطيف رڳو تصوف پسند ئي نه پر تصوف پرست به هو. سندس تصوف پرستيءَ جو مثال ان کان وڌيڪ ڪهڙو ٿي سگهي ٿو، جو سموري ڪلام ۾ اڻ ڳڻين رنگينين جي باوجود، تصوف جو بنيادي نصب العين هر جڳهه موجود آهي.“[11]

هڪ طرف شاهه جي تصوف پسندي ۽ تصوف پرستيءَ جي ڳالهه آهي ته، ٻئي پاسي سنڌي سماج جي قومي سورمي ۽ قوم پرست هجڻ جي. جي ايم سيد پنهنجي ڪتاب ’پيغامِ لطيف‘ ۾ شاهه کي هڪ قوم پرست شاعر طور پيش ڪيو آهي ۽ انيڪ بيت ڏئي ثابت ڪيو آهي ته، هو سنڌ جو هڪ وڏو قوم پرست شاعر آهي. جي ايم سيد شاهه لطيف جي ڪلام جون چار خوبيون بيان ڪيون آهن، جن مان پهريون به شاهه جي قوم پرست رويي ڏانهن اشارو ڪن ٿيون. هن شاهه جي ڪلام بابت لکيو آهي ته:

”اهو سنڌي قوميت جي جذبي سان ڀريل آهي، وطن ۽ ان جي هر شيءِ جي پريت ان جو مکيه جزو آهن.

سندس ڪلام ۾ ڪتب آندل ٻولي به سواءِ چند حوالن جي صفا چِٽ سنڌي آهي.“[12]

ان حوالي سان محمد ابراهيم جويي جا هي لفظ به ڏاڍا اهميت جوڳا آهن ته: ”شاهه جي شعر جي ادبي فضيلت ۽ صوفياڻا اڏامر، بيان ۽ ڪاٿي کان مٿي آهن، ۽ ان جي فني خصوصيت ۽ سجلائيت به پنهنجي مثال پاڻ آهن. پر سڀ کان وڌيڪ، اهو سنڌ جي ماڻهن جي ذهني ۽ اخلاقي قوت جو هڪ سرچشمو آهي، ڇاڪاڻ ته اهو انهن جي ٻوليءَ جي وسعت ۽ پختگيءَ جو حد نشان آهي...... اهڙي طرح شاهه اسان کي هڪ اجهو ڏنو ۽ هڪ پراڻ - شڪتي ڏني، هڪ پناهه گاهه ۽ پڻ آبِ حيات مهيا ڪيو، جيڪي تمام وڏن اوسر جي وقتن تي ڪري پيل ماڻهن کي ڪم ايندا آهن ۽ نيم مرده قومن کي جيئاري پيرن ڀر ڪندا آهن. اَجهو يا پناهگاهه ٻوليءَ جو، ۽ پراڻ - شڪتي، ساهه ڪٽڻ جي قوت، شاهه جو خود پيغام.“[13]





جڏهن شاهه جي پيغام يا سنيهي جي ڳالهه اچي ٿي، ته سنڌي قوم ۽ سماج جي دکن دردن جا داستان به ذهن تي تري اچن ٿا. سنڌ تي ڌارين جا حملا ۽ ڪاهون، مڪتبن ۽ مدرسن کي باهيون، گهوڙن جون ٽاپون ۽ اهي سموريون ڦهري ڪارروايون جيڪي نه رڳو ڀٽائيءَ جي دؤر جو داستان آهن پر سندس دؤر کان اڳ به سنڌ جي ماڻهن اهي اهنج سَنا پئي. اهي سڀ وحشت ۽ دهشت جا نشان ڪنهن نه ڪنهن طرح سان ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ پسي سگهجن ٿا، ۽ اهو فطري قومي جذبو، ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو اهم باب آهي. جنهن ۾ جابر قوتن سان مهاڏو اٽڪائي متحد ٿيڻ جو ڏس ڏنل آهي. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ قوميت ۽ وطنيت جي جذبي سان سرشار اهڙا ڪيترائي بيت ملن ٿا. ساڳي طرح هن جي ڪلام جو انقلابي پهلو به اهم آهي. رسول بخش پليجي وري لطيف سائين جي انهيءَ انقلابي ۽ باغياڻي ڪردار تي گهڻو زور ڏنو آهي ۽ ڀٽائيءَ کي هڪ انقلابي شاعر طور نروار ڪرڻ لاءِ سندس رسالي مان مثال طور بيتَ ڏنا آهن. هو لکي ٿو ته: ”جاگيرداري ۽ شهنشاهي سرشتي عام ماڻهن ۾ تنگ نظريءَ، بزدلي، ڏاڍن جي پوڄا، نفسانفسيءَ، ظاهر پرستيءَ، لڪير جي فقيريءَ ۽ انڌي عقيدت جا جيڪي زهريلا مرض پيدا ڪيا، تن جون پاڙون پٽڻ لاءِ لطيف عوام کي هڪ مڪمل عوام دوست، انسانيت پرور انقلابي ۽ عوامي فلسفو ۽ نظريو ڏنو......... حقيقت ۾ سموري دنيا ۾ جيڪڏهن ڪو اهڙو شاعر آهي، جو سنڌ کان وٺي فلسطين تائين ۽ ويٽنام کان وٺي وينزويلا تائين اڄوڪي طوفاني ۽ مجاهدانه دؤر جي سرڪش انسانن، انقلابي عوام ۽ مجاهد قومن جي حيرت انگيز ۽ شاندار باغي ۽ فاتح جدوجهد جي ترجماني ڪري سگهي ٿو ته اهو فقط لطيف آهي.“[14]

هڪ پاسي، ڀٽائيءَ کي تصوف ۽ روحانيت جون رمزون سيڪاريندڙ سڏيو ويو آهي ته، ٻي پاسي سحر امداد ڪيس روشن خيال شاعر مڃي ٿي، جيڪو ڪنهن مذهبي ڪٽرپڻي کان گهڻو مٿانهون آهي. هن جو چوڻ آهي ته: ”شاهه ڪٽر مذهبي ڪڏهن به نه هو. ڇوته هر عظيم شاعر ۽ تخليقڪار هر مت ڀيد ۽ ڪٽرپڻي کان مٿاهون هوندو آهي. تنهن ڪري شاهه جي ساڍن ڇئن هزار بيتن مان چند سو بيتن کي ڪڍي اسان شاهه کي محض هڪ مذهبي مبلغ، Fanatic يا ولي الله ڇئي سندس شعرن جا رڳو روحاني راز ماڻهن تي مڙهيون ۽ ٿاڦيون، سا ان شاعر سان زيادتي آهي - جنهن جي شاعري گهڻ رنگي ۽ گهڻ پاسائين شاعري آهي - ۽ جيڪو صحيح معنيٰ ۾ Multi-dimensional

شاعر آهي. شاهه جي شعرن مان ڇڪي تاڻي روحاني راز ڪڍڻ ايئن آهي جيئن 'پيغامِ لطيف' ۾ جي ايم سيد، شاهه جي ڪيترن ئي شعرن تي ڇڪي تاڻي قوم پرستيءَ جي معنيٰ 'مڙهڻ' جي ڪوشش ڪئي آهي."(١٥)

انور پيرزادو به، ڀٽائيءَ کي ترقي پسند سوچ سان سلهاڙيل شاعر سڏيندي ۽ سندس ڪلام جي روحاني ۽ تصوف واري پهلوءَ جو انڪار ڪندي نظر اچي ٿو. هن لکيو آهي ته: "هند ۽ سنڌ ۾، ڀٽائيءَ تي عام طور جو ڪجهه لکيو ويو آهي، ان ۾ ڀٽائي جيڪو شاعر آهي، سو موجود ڪونهي ۽ ڀٽائي جيڪو سنڌ جي تاريخي ۽ سماجي فلسفي جو باني آهي، سو نظر نه ٿو اچي....... هند ۽ سنڌ کان ٻاهر وري ڀٽائيءَ تي، جيڪو اوائلي يورپي ادب ملي ٿو، انهيءَ ۾ پڻ ساڳي رٽ لڳل آهي ته، ڀٽائي انساني زندگيءَ جي مختصر هئڻ ۽ انسان جي فاني هئڻ واري ڪيفيت کي محسوس ڪري دنيوي مامرن ۾ ڦاسڻ کان آجو رهيو ۽ چارئي پهر الله الله پيو ڪندو هو...... نام نهاد دانشورن وٽ ان کان وڌيڪ، ڀٽائيءَ تي ڪا تحقيق ڪانهي ته 'رسالو قرآن جو سنڌي ۾ ترجمو آهي' ثبوت طور چون ته: 'جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين' ..... جيڪڏهن هو واقعي، ڀٽائيءَ کي پڙهن ته هنن کي محسوس ٿيندو ته ڀٽائي قرآني آيتن کي پنهنجي ڪردارن جي جوڙجڪ ۽ پنهنجي انقلابي نظرئي کي ثابت ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو آهي."(١٦) هو پنهنجي هڪ ٻئي مضمون ۾ لکي ٿو ته: "آءٌ اها ڳالهه قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيان ته ڀٽائي ان ڪري ترقي پسند هو جو هو صوفي هو...... ڀٽائيءَ کي فقط صوفي، وحدت الوجودي يا اويسي يا ڪو مذهبي نالو ڏيڻ، ڀٽائيءَ سان بي انصافي ٿيندي........ ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو سماجي ڪارج اهو آهي ته، هن سترهين صديءَ جي آخر ۾ ۽ ارڙهين صديءَ جي ٻهرين اڌ واري زماني ۾ هر سماجي ڦر لٽ، پرماريت ۽ بديءَ جي مذمت ڪئي آهي. ان ڪري ئي، ڀٽائيءَ جي شاعري پنهنجي دؤر جي ترقي پسند شاعري آهي."(١٧) جڏهن ته تنوير عباسي ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جي صوفي رنگ جو منڪر ته نظر نه ٿو اچي، البت ڪيس اها يڪي رنگي به سني نه ٿي لڳي ۽ هو شاهه جي شاعريءَ جي اهڃاڻن جي وسعت تي زور ڏئي ٿو. "شاهه لطيف جي اڪثر اهڃاڻي شاعري، تصوف جي رنگ ۾ ته رڱيل آهي، پر تنهن هوندي به ان کي رڳو هڪڙي ئي طرف ڇڪي، ان مان هڪ ئي قسم جون معنائون ڪڍڻ ۽ انهن کي آخري ۽ قطعي سڏڻ، شاهه لطيف جي اهميت کي گهٽ ڪرڻ به آهي، ته شاهه لطيف جي اهڃاڻن





کي محدود ڪرڻ به."(١٨) وينا شرنگي به شاهه جي ڪلام تي صوفي ۽ اسلامي رنگ کي حاوي ڪندڙ محققن سان سهمت نظر نه ٿي اچي، هوءَ لکي ٿي ته: "شاهه کي اسلامي چوغو پارائڻ يا گيڙوءَ رتن ڪپڙن ۾ ساڌو سنت واري پدوي ڏيڻ وارن جي ويچارن کان ڪنارو ڪنديس، شاهه لطيف انسانيت جو علمبردار هو."(١٩)

شمشير الحيدري جي راءِ آهي ته: "ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي، ته شاهه جي ڪلام جي سڀ کان وڏي عظمت، سندس روحاني مقصد ۽ منزل آهي. پر اسان کي سمجهڻ کپي، ته اهو ڪم هاڻي ڪنهن نه ڪنهن حد تي ختم ٿيڻ کپي..... منهنجي خيال ۾ جيستائين شاهه جي ڪلام جي روحاني تشريح جو مدي خارج گذريل ڪم هاڻي روڪيو نه ويندو، تيستائين شاهه صاحب جو ڪلام، پنهنجي ماضي واري زماني کان اڳتي ٽپي، ڪي نيون خوبيون ڏيکاري نه سگهندو."(٢٠) شاهه جي شاعريءَ جي انهن نين خوبين جي تلاش ڪندي، انور پيرزادي شاهه کي سيڪيولرازم جو پرچارڪ ڪوٺيو آهي. هن پنهنجي ڪتاب 'ڀٽائي' ۾ لکيو آهي ته: "ڀٽائي سيڪيولرازم جو پيغامبر آهي. اهو ڀٽائي صاحب جي آئيڊيالاجي جو هڪڙو جدا پهلو آهي ته، سيڪيولرازم جو جيڪو نظريو آهي، اهو ڪهڙو آهي؟ اهو، اهو آهي ته انسان جي جيڪا سماجي، سياسي، اقتصادي، دنوي زندگي آهي، ان سان مذهب جو ڪو به تعلق ڪونهي."(٢١)

حقيقت اها آهي ته، سنڌي سماج ۾ شاهه لطيف جي شاعريءَ تي پنهنجي پنهنجي نظريي جي ڇاپ هڻي، ڀٽائيءَ جي ڪلام جي گهڻ رخي معنوي پهلوءَ کي گهٽائيندڙ شارحن کي، ڀٽائيءَ جي فڪر ۽ فلسفي کي ڀيهر سمجهڻو پوندو. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي صحيح لکيو آهي ته: "شاهه صاحب جو اڀياس انهيءَ لحاظ کان نه ڪرڻ کپي، جيئن معلوم ٿئي ته 'منهنجن نظرين' جو پرچار آهي. هڪ آفاقي شاعر کي محدود پيمانن ۾ نه ڏسڻ کپي. ڪيس صوفي شاعر چئي هن جو تعلق هڪ مخصوص طبقي سان ڏيکارجي ۽ شاهه جي صوفياڻي ڪلام جي هڪ محدود معنيٰ ونجي يا سندس ڪلام کي روحانيت ۽ تمثيلي انداز کان جدا ڪري، انقلاب جو پنهنجو نظريو شاهه صاحب تي لاڳو ڪجي ۽ پنهنجي دل جي راءِ شاعر تي ٿڦجي. صحيح طريقو هي آهي ته، سندس مطلب ۽ معنيٰ کي وسيع نظريءَ سان معلوم ڪرڻ جي ڪوشش

ڪجي.“[۲۲]

ڊاڪٽر فهميده حسين پنهنجي مقالي ’شاعر جو شعور‘ ۾ شاهه لطيف جي گهڻ رخين تشريحن توڙي سندس ڪلام جي نين خوبين جي متلاشين ڏانهن اشارو ڪندي لکي ٿي ته: ”اڳي ته شاهه کي رڳو هڪ پير، بزرگ ۽ ولي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ٿيندي هئي، پوءِ ان جي ضد ۾ ڪيس نظرياتي شاعر، ڪميونسٽ، سوشلسٽ، قوم پرست ثابت ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون ويون، پر هاڻي وري هڪ ٻيو رجحان ڏسڻ ۾ ٿو اچي..... ته هو سنڌي ٻوليءَ تي مڪمل دسترس رکڻ کان سواءِ ٻين ڪيترين ئي ٻولين جي ڄاڻ رکي ٿو، ان ڪري هو ’ماهرِ لسانيات‘ آهي؛ هن ۾ سائنسي شعور آهي، ان ڪري هو سائنسدان به آهي؛ هو ڏاهو آهي ۽ ڏاهپ سندس شاعريءَ ۾ پري پئي آهي، ان جو مطلب ته هو ’فلسفي‘ جي علم جو به ماهر آهي.“[۲۳]

شاهه لطيف جون ايڏيون گهڻ رخيون ۽ ڪنهن حد تائين انتهاپسنديءَ واريون تشريحون پڙهندي، هڪ قاري مونجهاري جو شڪار ٿي پوي ٿو ۽ هن جي ذهن ۾ ’واٽون ويهه ٿيام‘ وارو تصور اڀري اچي ٿو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ڀٽائي، پنهنجي شاعريءَ جي موضوعاتي جهان ۾ هڪ گهڻ رخو شاعر آهي ۽ هن جي شاعريءَ جي گهڻ رخي تشريح سندس شاعريءَ کي فڪري وسعت به بخشي ٿي، پر اهو ڌيان ۾ رکڻ کپي ته هو شاعر آهي ۽ شاعر به اهڙو جنهن کي دنيا جا وڏا وڏا عالم به وڏو شاعر قبول ڪن ٿا. ته اهڙي وڏي شاعر جي شاعريءَ ۾ مٿيون سموريون خوبيون هڪ ئي وقت هجڻ به ممڪن آهن، پر انهن جو اڀياس ڪرڻ لاءِ اسان کي جذباتيت کان هٽي ۽ غير منطقي حوالن کي رد ڪري، جديد تنقيدي ۽ تحقيقي طريقا اختيار ڪرڻا پوندا ۽ ان سان گڏ و گڏ پنهنجن پنهنجن فڪري ۽ نظرياتي تارازين کي پري رکي، سندس شاعريءَ جي پرک ڪرڻي پوندي. هن وقت تائين اسان وٽ گهڻو ڪري شاعرن ۽ اديبن کي پنهنجن پنهنجن نظرين جي پنيان هلائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، پر حقيقت ۾ نظريا خود عظيم شاعرن جي پنيان هلندا آهن. ان ڪري ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو سچو پچو اڀياس ڪرڻ لاءِ اسان کي پنهنجي اکين تان انهن نظرين جون عينڪون هٽائڻيون پونديون. گذريل سموري عرصي ۾ سنڌي سماج اندر، ڀٽائيءَ سان هڪ وڏي زيادتي اها ٿي ٿي آهي ته، ڪيس ’فقط‘ جي سوڙهي دائري ۾ ڦاسايو ويو آهي. جيسيتائين ڀٽائيءَ جي فڪر کي ان





ڦندي مان آزاد نه ڪبو تيسيتائين شاهه جي آفاقي حيثيت کي نه سمجهي سگهبو.

مٿي پيش ڪيل گهڻ رخن راين مان اسين اهو اندازو نه ٿا ڪري سگهون ته، ’شاهه لطيف هڪ عظيم بين الاقوامي شاعر آهي‘. پر انهن راين جو ڪجهه سنجيدگيءَ سان اڀياس ڪري سگهجي ٿو...... جن عالمن ۽ اديبن جو خيال آهي ته، شاهه لطيف جو فڪر، تصوف جي فڪري رجحان تي بيٺل آهي، اهي عالم غلطيءَ تي نه آهن. ڇهريان ته اهڙن عالمن جي علمي بصيرت جو اسين سڀ اعتراف ڪريون ٿا ۽ ٻيو خود شاهه لطيف جي زندگيءَ جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته، جيڪي ڪتاب ساڻس سدائين گڏ هوندا هئا، انهن ۾ ٻه ڪتاب يعني ’مثنوي مولانا روم‘ ۽ ’شاهه ڪريم جو رسالو‘ خود صوفياڻي فڪر جا سرچشما آهن. جنهن ڪري اهو اندازو لڳائڻ ڪو مشڪل ڪم نه آهي ته، سندس ڪلام ۾ تصوف جون رمزون موجود آهن. اها ڳالهه نه رڳو مرزا قليچ بيگ، غلام محمد خانزئي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، علامه عمر بن محمد دائود پوٽو، ڪلياڻ آڏواڻي، غلام محمد شهواڻي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، اي. ڪي بروهي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، پروفيسر اڪرم انصاري، پروفيسر امينه خميساڻي، معمور يوسفاڻي، ڊاڪٽر بشير احمد شاد، محمد حسين ڪاشف ۽ ٻين عالمن ڪئي آهي، پر اهڙو اعتراف ڪجهه ڌيمي لهجي ۾ ئي سهي، خود ترقي پسند فڪر سان سلهاڙيل ڪيترن ئي روشن خيال عالمن ۽ محققن به ڪيو آهي. جن ۾ شيخ اياز، محمد ابراهيم جويو، تنوير عباسي، شمشير الحيدري، ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، تاج جويو وغيره قابلِ ذڪر آهن. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ته اهي لفظ به لکيا آهن ته: ”جيڪڏهن ڪو محقق چوي ته، شاهه صاحب نه خود صوفي هو ۽ نه هن کي صوفي طريقي جي خبر هئي ته، اهو محقق جو ضد ته بيشڪ ليکبو، پر شاهه صاحب جو ڪلام اهڙي ضد کي رد ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.“ [۲۴] تنهن ڪري شاهه جي ڪلام جي صوفياڻي فڪر کي بنهه رد ڪرڻ ڪو مناسب رجحان نه آهي. البته پنهنجي نظريي کي پاڻي ڏيڻ خاطر، شاهه جي هر سٽ کي روحانيت ۽ تصوف جو جبو پارائڻ به ٻي واجبي آهي.

اهي محقق، جيڪي ڀٽائيءَ کي رڳو مذهبي شاعر سمجهن ٿا، منهنجي نظر ۾ مڪمل طور درست راءِ نه ٿا رکن. اها ڳالهه ان حد تائين ته صحيح آهي ته، شاهه سان



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جيڪو ٽيون ڪتاب گڏ هوندو هو سو ’ڪلام پاڪ‘ هو، جنهن کي هن نہ رڳو پڙهيو، پر پُرجهيو پڻ. تنهن ڪري سندس ڪيترن ئي بيتن ۾ قرآن جون آيتون بہ ملن ٿيون ۽ قرآني فڪر پڻ. پر شاهہ جي رسالي کي سنڌيءَ ۾ قرآن جو ترجمو سمجهندڙ بہ ڀليل آهن. تنهن ڪري ڪيس رڳو مذهبي شاعر چوڻ درست نہ ٿيندو. شاهہ لطيف پنهنجي ڪلام ۾ ٻين مذهبن جي املهہ ڪردارن کي جاءِ ڏئي هڪ طرف مذهبي ڪٽرپڻي کي ننديو آهي تہ، ٻئي پاسي عالمي ڀائيچاري ۽ انسان دوستيءَ جو سبق بہ ڏنو آهي. ان کان علاوه شاهہ وٽ وحدانيت ۽ ويدانيت جو تصور بہ گڏ گڏ ملي ٿو. تنهن ڪري ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جي هر سٽ مان آيتن کي ڳولهي ۽ روحانيت جي رمزن کي کولي، ڪيس ڪٽر مذهبي شاعر وارو روپ ڏيڻ ڪا چڱي روش نہ آهي. رهي ڳالهہ سيڪيولرازم جي، تہ شاهہ کي سيڪيولر شاعر سڏڻ کان اڳ اسان کي سيڪيولرازم جي اصطلاح کي سمجهڻو پوندو. ڊاڪٽر مبارڪ علي لکيو آهي تہ: ”سيڪيولرازم جو مطلب آهي تہ، اهو سماجي عمل جنهن جي ڪري مذهبي اثر رسوخ جيڪو سماج تي ٿيندو آهي، ان کان ڪيس آزاد ڪيو وڃي ۽ مذهب کي انسان جي زندگيءَ ۾ نجي حيثيت ڏني وڃي. سيڪيولر ازم ۽ مذهب ان ڪري ٻئي متضاد نظريا بڻجن ٿا ڇو تہ مذهب ان ڳالهہ جي دعويٰ ڪري ٿو تہ ان جو انسان جي جسم ۽ روح ٻنهي تي تسلط آهي، ۽ رڳو ان جي وسيلي ئي انسان جي مادي ۽ روحاني نجات ممڪن آهي، انهيءَ ڪري انسان پنهنجي پيدائش کان وٺي موت تائين، مذهبي رسمن جو پابند بڻيل رهندو آهي، ۽ ڪيس اها آزادي ناهي هوندي تہ هو پنهنجي سماج جي معاملن کي عقل ۽ زماني جي تقاضائن پٽاندڙ حل ڪري سگهي.“[٢٥] جيتوڻيڪ سيڪيولرازم جو لاڙو، ڀٽائيءَ جي دؤر ۽ سماج سان تعلق نہ ٿو رکي ۽ ان جو اطلاق گهڻو پوءِ يورپ ۾ نظر اچي ٿو، پر قطع نظر ان جي، جيڪڏهن اسين مٿين تشريح کي مدِ نظر رکندي ڏسندا سين تہ، ڀٽائيءَ جي شاعري اسان کي مذهب ۽ سيڪيولر ازم جو سنگم نظر ايندي. شاهہ سائين رڳو مذهب کي ئي انسان جي مادي ۽ روحاني نجات جو ڪارڻ نہ ٿو سمجهي، ورنہ ’او ڪو ٻيو فهم‘ واري فلسفي جي پرچار نہ ڪري ها. شاهہ سائين سماجي معاملن کي دؤر جي تقاضائن مطابق حل ڪرڻ چاهي ٿو. لطيف سائينءَ جو ڪلام هڪ طرف مذهبي رواداري واري فڪر سان معمور نظر ايندو تہ ٻئي طرف هن وٽ مذهبي ڪٽر پڻي جي نندا بہ نظر ايندي. هو هڪ اهڙي سماج جو گهرجائو آهي جتي انسانيت ۽ انساني حقن





جي پرچار هجي. ان صورت ۾، جيڪڏهن ڀٽائيءَ کي سيڪيولر شاعر بہ ليکيو وڃي تہ ان ۾ ڪا برائي نہ آهي. موتيرام ايس. راماڻي جي اها ڳالهہ درست آهي تہ: ”ڀٽائي سائين، مذهبي تنگدلي ۽ ڪٽر پڻي خلاف آواز اٿاري، لوڪن جي صحيح نموني ۾ رهنمائي ۽ رهبري ڪندي چيو : رڳو زبان سان ڪلمو چوڻ ۾ ايمان نہ آهي. نہ ڪ رڳو تلڪ لڳائڻ ۽ جڻيو پائڻ ۾ ڌرم سمايل آهي. صحيح معنيٰ ۾ مذهب ۽ ڌرم، انهن ٻاهرين ڳالهين ۽ نشانين کان صفا ٻي ڳالهہ آهي. معنوي ۽ اندروني ڳالهين تي قائم رهڻ، پڪو ۽ سچو ٿي رهڻ ۾، سچي انسانيت سمايل آهي.“[٢٦]

ان ۾ ڪو شڪ ۽ وڌاءُ نہ آهي تہ، ڀٽائي وٽ وڏو قومي ۽ سماجي شعور موجود هو، جنهن جو وڏو مثال ٻين ٻولين جي ڄاڻ باوجود هن جو پنهنجي اظهار لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي چونڊ ڪرڻ آهي. ان کان علاوه هن پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجي ڌرتيءَ ۽ سماج جي انهن ڪردارن جي چونڊ ڪئي آهي، جن جو گهڻو ڪري ’آڻين ۽ چاڙهين، ڏٿ ڏهاڙي سومرا‘ واري طبقي سان تعلق آهي. جيڪڏهن ڪنهن زردار جو ذڪر بہ آيو آهي تہ، انهن مسڪين ڪردارن جي توسط سان ئي آيو آهي. اهي سمورا ڪردار سنڌ جا ڪردار آهن، تنهن ڪري شاهہ کي سنڌ جو قومي شاعر چوڻ ۾ ڪو بہ عار نہ آهي، پر سندس سموري شاعريءَ مان قومي فڪر جي تلاش ڪرڻ بہ اسان جي غلطي آهي. لطيف سائينءَ جي انقلابي ۽ باغياڻي ڪردار کان بہ انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي. شاهہ سائين سُر ڪيڏاري ۾ ويڙهہ ۽ جنگ کي ڳايو آهي. بهادري ۽ سرفروشي هن سُر جو خاص موضوع آهي. دنيا جا سڀئي انقلابي در جي سودي کي زندگيءَ جو حسن سمجهندا آهن، پنهنجي ڌرتي، پنهنجي وطن ۽ عوام سان ڪمٽمنٽ انهن جو پهريون مقصد هوندو آهي. لطيف مارئي جي ڪردار ۾ انهيءَ ڪمٽمينٽ کي دهرايو آهي. اهڙي طرح سسئيءَ جو اڪيلي سِر رڻ ۾ نڪري پوڻ سماجي ٻنڌڻ کان بغاوت جو عملي ثبوت آهي ۽ هن جو ’آڏو ٽڪر ٽَرُ، متان روهہ رتيون ٿئين‘ وارو عزم بہ ڪيس انقلابي جدوجهد سان سلهاڙي ٿو. انهن ۽ اهڙن ٻين مثالن مان اسين شاهہ جي شاعريءَ جي انقلابي ۽ باغياڻي پهلوءَ کي وسيع پئماني تي ڪٽي وڃي سگهون ٿا. ان ڪري سندس ڪلام جي ان رخ کي نظر انداز ڪرڻ نہ ٿو جڳائي، پر سندس هر بيت ۾ انهن موضوعن جي تلاش سندس فڪر کي محدود ڪرڻ برابر آهي.

موجوده دؤر ۾، شاهہ کي ساڃاهيندڙ اهو ڏڙو، جيڪو شاهہ کي جديد افڪار



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

توڙي سائنس، لسانيات ۽ فلسفي جي علمن جو ماهر سمجهي ٿو، ۽ ڪٿي ڪيس گرامر جي اصولن جو ڄاڻيندڙ ته ڪٿي سائنسي ايجادن جي اڳ ڪٿي ڪندڙ ۽ ڪيميائي تبديلين جو شعور رکندڙ سمجهي ٿو. اهو ان حد تائين ته درست آهي ته، ڀٽائيءَ جي شاعري، گهڻ رخي ۽ گهڻ وضاحتي آهي. اهي محقق ڪجهه حد تائين صحيح آهن، جيڪي ڀٽائيءَ کي ٻوليءَ جي حوالي سان پرکين ٿا. ڇوته لطيف پنهنجي ڪلام ۾ ٻين ٻولين جي لفظن کي نهايت خوبصورتيءَ سان تبديل ڪري، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترن ئي نون لفظن جو اضافو ڪيو آهي. پر گرامر جي اصولن جي ڄاڻ ۽ لسانيات جي علم تي مهارت هڪ الڳ معاملو آهي. انهن محققن جو به اهو حسنِ زن آهي، جيڪي شاهه لطيف جي شاعريءَ کي سائنسي اصولن تي پرکين ٿا، پر ان مان اهو اندازو لڳائڻ به درست نه ٿيندو ته شاهه سائين، سائنس ۽ فلسفي جي علمن جو ماهر هو. تنهن ڪري اسان کي شاهه لطيف کي هڪ شاعر طور ئي قبول ڪرڻو پوندو. سنڌي سماج جو هڪ اهڙو شاعر جنهن وٽ موضوعن جا انيڪ اندلني آڪاس آهن. ڇو ته شاهه لطيف، زندگيءَ جو شاعر آهي ۽ ڪيس زندگيءَ جي گوناگونين جي ساڃاهه آهي. نه رڳو ايترو پر ”زندگيءَ جي مختلف رخن، انساني جذبات ۽ روين جي وٽس وڏي پاسداري آهي. وٽس سنڌي ڪلچر ۽ تاريخ جا رويا نهايت مضبوطيءَ سان موجود آهن. جتي سندن ڪلام ۾، شگفتگي، سلاست ۽ رواني موجود آهي، اتي احساس جي باليدگي ۽ روحاني سرور جي ڪيفيت سان سندس ڪلام پُر آهي. لطيف ياڳ تي ياڙي ويهڻ بدران تلاشِ يار جو قائل آهي، انهيءَ پس منظر ۾ سندس هر بيت صوفياڻن روين وارو نه آهي، پر زندگيءَ جي هر رويي ۽ انساني نفسيات جي هر پهلوءَ جي ترجماني ڪندڙ آهي. هن وٽ تصوف جي باريڪ بينين ۽ ان جي حال ۽ احوال، عرفان ۽ معارف جا جتي عناصر آهن، اتي ڪلام ۾جماليات ۽ رومانيت جا قدر پڻ موجود آهن. هو جتي ذاتِ احديت جي جلال ۽ جمال جو اظهار ڪري ٿو، اتي هو انساني حسن ۽ ان جي عشوه طرازين ۽ غمز ه ناز کي پڻ بيان ڪري ٿو.“[٢٧] ”شاهه جي شاعريءَ ۾ سمايل آفاقي مڇ: ’سونهن، سچ ۽ پيار‘ دنيا جي سموري آرٽ، فن ۽ ڪلا جا روشن ڪرڻا ان ٽڪنڊي مان ئي ڦٽن ٿا...... هن اهو ئي وکر وهايو آهي، جو صدين گذرڻ کان پوءِ به ڪٽيو، لٽيو ۽ پئي پراڻو نه ٿيو آهي. جدوجهد، جاکوڙ، ڳولا، نيڪيءَ جي تلاش، بديءَ کان بچاءُ، وطن دوستي ـ انسان دوستي، عوام دوستي، ڏاڍ آڏو نه جهڪڻ، آزاديءَ سان پيار،





غلاميءَ کان نفرت، بهادري ۽ سورهيائيءَ جي ساراهه، بزدلي، وهم ۽ وسوسن کي ننديڻ، اصولن تي اٽل ۽ اڏول ٿي بيهڻ، بي اصوليءَ کي ٻيڙائي ڄاڻڻ، پنهنجي ماڳ ۽ مقصد لاءِ لڳاتار تانگهڻ ۽ ان لاءِ سور سختين ۽ ڪشالن ڪڍڻ کان پاسيرو رهڻ، سچ جو ساٿاري ٿيڻ، ڪوڙ جي نندا، ڪام، ڪروڌ ۽ ڪروپ بدران نياز نوڙت، نهٺائي ۽ سروپ کي ساراهڻ: چڱن لڇڻن، اوصافن ۽ گڻن جي واکاڻ، خراب لڇڻن، اوگڻن کي ننديڻ ـ اهي سمورا گڻ ۽ لڇڻ: آفاقي حقيقتون آهن. جيڪي هر وقت ۽ هر جاءِ لاءِ آهن ۽ جيڪي Time and Space جون محتاج نه آهن.“[٢٨]

هتي پيش ڪيل ان سموري جائزي کي ٻن نڪتن ۾ سمائي سگهجي ٿو ته، ڀٽائيءَ کي عظيم شاعر ثابت ڪرڻ لاءِ مقامي طور اسان کي شاهه لطيف کي ’فقط‘ ۽ ’رڳو‘ جي دائري مان ڪڍي ’به‘، ’پڻ‘ ۽ ’هر‘ جي وسعتن ۾ آڻڻو پوندو. ٻين لفظن ۾ شاهه لطيف کي رڳو صوفي شاعر، فقط قومي ۽ مزاحمتي شاعر، رڳو سيڪيولر شاعر، فقط مذهبي شاعر نه، پر هر طبقي ۽ هر فڪر جو شاعر مڃڻو پوندو، ۽ چوڻو پوندو ته شاهه هندوءَ جو به آهي ته، مسلمان جو پڻ. ۽ ان کان اڳتي سڄي عالم جو، ڇوته سندس سوچ ۽ فڪر يقيناً عالمي آهي. ان کان علاوه شاهه لطيف متعلق جيستائين غلط رجحانن کي نه نندبو ويندو، تيستائين اهو شاهه اسان جي نظرن کان ڏور رهندو، جنهن کي هڪ عظيم شاعر مڃيو وڃي ٿو.

## حوالا

١. اياز، شيخ، مترجم: ’رسالو شاهه عبداللطيف‘، سنڌيڪا اڪيڊمي ، ٽيون ڇاپو، ڊسمبر ١٩٩١ع، ص: ٩٠.

٢. ڪاشف، محمد حسين، ’لطيفي فڪر ۽ سُرن جي ساڃاهه‘، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، جولاءِ ٢٠٠٥ع، ص: ٨٢ ۽ ٨٣.

٣. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ’شاهه عبداللطيف رح‘ (مرتب: ڊاڪٽر بشير احمد شاد) مهراڻ اڪيڊمي، ڇاپو پهريون، آڪٽوبر ١٩٩٠ع، ص: ٦٢.

٤. شاد، بشير احمد، ڊاڪٽر (مرتب)، ’پيهي منجهه پاتال‘ مقالو: ’شاهه جو ڪلام‘، (مولانا دين محمد وفائي) مهراڻ اڪيڊمي، ١٩٩٢ع، ص: ٣٢.

٥. ساڳيو، ص: ٣٣.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

٦. آڏواڻي، ڪلياڻ، ’شاهه سچل سامي‘ سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، ڇاپو پهريون، آگسٽ ٢٠١٠ع، ص: ١٦٤.

٧. بروهي، اي. ڪي (خطبهء صدارت)، ’فڪرِ لطيف‘، ڪل پاڪستان فلسفه ڪانگريس (شاهه لطيف اجلاس) انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالوجي ١٩٧٩ع، ص: ١١.

٨. بلوچ، نبي بخش ڊاڪٽر، ’شاهه عبداللطيف رح‘ (مرتب: ڊاڪٽر بشير احمد شاد) مهراڻ اڪيڊمي، ڇاپو پهريون، آڪٽوبر ١٩٩٠ع، ص: ٦٢.

٩. جويو، تاج، ’شاهه لطيف- هڪ تحرڪ هڪ تحريڪ‘- مقالو: ’شاهه لطيف جي ڪلام ۾ ويدانيت‘، پروفيسر موهن لعل پريمي، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه ، حيدرآباد، ص: ٢٢٤.

١٠. قريشي، شهناز ۽ ابڙو، آفتاب، (ايڊيٽر) (شاهه جي ٢٥٨ هين عرس جي موقعي تي)، ’ڪوڙين ڪن سلام‘ - مقالو : ’اُو ڪو ٻيو فهم‘، شيخ عبدالحليم، محڪمهءِ اطلاعات حڪومتِ سنڌ، ص: ٩ ۽ ١٠.

١١. اياز، شيخ، مترجم: ’رسالہ شاهه عبداللطيف‘، سنڌيڪا اڪيڊمي ، ٽيون ڇاپو، ڊسمبر ١٩٩١ع، ص: ٢٨.

١٢. سيد جي. ايم ، ’پيغامِ لطيف‘، جي ايم سيد اڪيڊمي، سن، ضلع دادو، ٢٠٠٥ع، ص: ١٢٤.

١٣. قادري، اياز حسين، ڊاڪٽر، مقالو: ’شاهه ۽ وقت جي تقاضا‘ ڪتاب: ’شاهه ۽ نوجوان‘، شاهه لطيف ڪلچرل سوسائٽي، ڪراچي، مارچ ١٩٨٥ع، ص: ٣٧ ۽ ٣٨.

١٤. چانڊيو، جامي، (سهيڙيندڙ)، ’رسول بخش پليجي جون مڪمل تحريرون- ٤‘، ’تخليقي ۽ تنقيدي ادب‘ (ڀاڱو ٢ جلد ١)، CPCS، ٢٠١٢ع، ص: ٢٦٥ ۽ ٢٦٦.

١٥. سحر امداد، (مقالو) ’شاهه لطيف - اول آخر شاعر‘، ريسرچ جرنل ’ڪينجهر ٢‘ سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ١٩٨٨ع، ص: ٩٧.

١٦. پيرزادو، انور، ’ڀٽائي‘، انور پيرزادو اڪيڊمي، ڪراچي، ٢٠٠٧ع، ص: ٤٥، ٤٦، ٤٨.

١٧. ساڳيو، ص: ٤٦، ٦٣.

١٨. عباسي، تنوير، ’شاهه لطيف جي شاعري‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ٢٠٠٠ع، ص: ٢٢٨.

١٩. شرنگي، وينا، مقالو: ’سماجي ۽ اخلاقي قدرن جي حوالي ۾ شاهه جي سورمين جي موجوده وقت ۾ واسطيداري‘، ڪتاب: ’ڪيچان آيو قافلو‘، مارئي- سنڌي ڀينرن جي سوشل، ڪلچرل ۽ لٽرري تنظيم، نئي دهلي، ٢٠٠٥ع، ص: ١٥٨.

٢٠. خالد، ڪريم بخش، ’لطيف نامو‘ - ’آيتون آهين ...‘ مضمون (رسالي جي شرح) شمشير الحيدري، سنڌ اطلاعات کاتو، ڪراچي، ١٩٧٩ع، ص: ٣٢.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair



Kalachi Research Journal
ڪلاچي تحقيقي جرنل

٢١. پيرزادو، انور، ’ڀٽائي‘، انور پيرزادو اڪيڊمي، ڪراچي، ٢٠٠٧ع، ص:٢٢١.

٢٢. جوڻيجو، عبد الجبار، ’سنڌي ادب جي مختصر تاريخ‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ٽيون ايڊيشن، ١٩٩٤ع، ص: ٨٢.

٢٣. شيخ، نفيس احمد، ٽماهي ’مهراڻ‘، مقالو: ’شاعر جو شعور‘ - ڊاڪٽر فهميده حسين، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، سيارو ٢٠٠٤ع، ص: ٥٠ ۽ ٥١.

٢٤. جوڻيجو، عبد الجبار، ’سنڌي ادب جي مختصر تاريخ‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ٽيون ايڊيشن، ١٩٩٤ع، ص: ٨٥.

٢٥. مبارڪ علي، ڊاڪٽر، ’تاريخ ڪي بدلتي نظريات‘، تاريخ پبليڪيشنز، لاهور، ٢٠١٢ع، ص: ١٠٩.

٢٦. ايس. راماڻي، موتيرام، ’تارا نڪٽ ڪتيون‘، شاردا پرڪاشن- بمبئي، ١٩٩٢ع ، ص: ٨٢.

٢٧. ڪاشف، محمد حسين، ’لطيفي فڪر ۽ سُرن جي ساڃاهه‘، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، جولاءِ ٢٠٠٥ع، ص: ٧١.

٢٨. سحر امداد، (مقالو) ’شاهه لطيف - اول آخر شاعر‘، ريسرچ جرنل ’ڪينجهر ٢‘ سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ١٩٨٨ع، ص: ٩٨.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair